دوگهه (٣) دوغ - ڏونرو - ڏگهه گوشت جو ٽڪر - گوشت

دُهي (٣) ڏُهُ - ڏونرو - ديهي جسم - بدن

## ڏ

ڏاڻي (٣) ڏاڻيون - ٻڪل آن يا جانور، جي بوجا محل هندو ماڻهو چڙهيندا آهن

ڏُڙڪيُون (١٠) گوڏڙيون

ڏَوٽيا (٦) ڏوٽيون - لنگوٽا

ڏُوپَ (٣) (٩) واس ڌوپ جهڙين ترڳگر لوبان وغيره

ڏُوڏا (٥) ڏانڊا - ٻاهر ٻاريندڙ - ڏنو ٻرندڙ

ڏُوڏاٽي (٩) ڏوڏن وارا - ٻاهر ٻارڻ وارا

ڏ

ڏکر ٿيڻ (٢) سينگار جڻ - ظاهر ٿيڻ

ڏنڊَ (٩) ٻڳُ جي فقير وڄائيندا آهن - ڏنڊا - ڏُڪا

ڏِها (٩) ڏينهان مهند ڏها = مهند ڏينهان يعني آخرت يا قيامت جي ڏينهن

ڏهَڪڄڻ (٩) ڏڄڻ

ڏيڻيارا (٩) ڏيڻ وارا - ملاقاتي دوست

ڍ

ڍانگ (٢، (٣) غفلت - ماڪ جا صبح جي مهل پوندي آهي جڏهن ماڻهو ڪي سستي گهٽي ٿيندي آهي - سست - ڍلي

ڍانگ ڍري (٢) (٣) فجر جي وقت - سج اڀرڻ مهل - ماڪ جي مهل

ر

رام (٢) مدد ڪو خدا جو نالو

رامڪلي (٩) راڳڻي يا سر جو نالو

رُباعي (٥) اصل چئن مصراعن جو شعر - معني چوڏهارت - مخفي ڳالهه

رُبُود (٩) ڪَسيل - ڇڪيل - ميرايل - ٻاليل (فارسي ربودن)

رتين - مؤلهين (٧) رنگيلن پتڪن وارن - رت جي رنگ

جهڙن ٻنڪن وارن

رُجات - رجعات - رجوعات (٧) رجاعت - آمد رفت ماڻهن جي (عربي)

رَڄُ (٨) ڏڄ

رُجَهڻ (٩) مشغول ٿيڻ - رُڌل رهڻ

رُخصت (١) موڪلائڻ - موڪلائي جو وقت

رِدا (٥) چادر (عربي)

رِضا (٥) قضا - تقدير - راضي ٿيڻ - رب جي خواهش تي خوش رهڻ

رَضيَ اللهُ عَنهُم وَرَضُوا عَنهُ (١٠) قرآن مان (٥ ۽ ٩ سورة) - خدا انهن مان راضي آهي ۽ هو سڀ ان کان راضي آهن

رُلا (٩) وڃون رليون - گودڙا

رُڻ جهڻ (٩) آهستي ڳالهه ٻولهه

ڦُس ڦس - گفتگو - آواز - ٻولي (٥-٢-٤)

روجهي (٩) روزي - رزق حاصليت

رُوش (٥) هلت چلت - چال

روڳ (٧) مرض - بيماري - خلل - خراب ڪم

رُون (٥) وڄن (بلوچڪي)

ريگڙ يارا (٦) رنگ يا واري سان ڀريل - ڀيوتيل

ريڱڙيارا (٦) جنهن گودڙين ۾ دلقن وارا - فقير

## ز

زاهد (١) پرهيزگار - خدا پرست

زُود (٩) جلد (پارسي)

زهد (١٠) پرهيزگاري - خدا پرستي

# س

سامڙيا (٣) اي سامي

سانپيڻ (٨) ملهائڻ - ٻورو ڪرڻ - سنڀالڻ - ڏسڻ - ڏانهن ساڻي

ساهڻ (٢) سنبرڻ تيار ڪرڻ سام ڪٽڻ - جهڪڻ (٢١-٧)

سُپيرئي (١) سوبرئي

سَتر (١) پوش - ڍڪ - پردو - اوگهڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو - جيلهه کي ٻڌڻ جو ڪپڙو

سَتگُر (٣) مدد ڪو نالو خدا جو - سچو مرشد

سِتائون (٢) سامان - اسباب

سهاهي (٢) جوڳي - جي سهاهين وانگي سر ترڻ تي رکيو وتن

سُڌائڻ (٢) درمجرڻ - سڌ وارو ٿيڻ

سُرتاج (٢) مٿي جا چت - سردار

سِرو (١) سنڌ جي اتر جو ملڪ پنجاب

سُرو (٩) رستو - مٿو - نشان

سَرير (٨) جسم - بدن

سَرين (١٠) حاصل ٿين

سکيا (٩) سکي - سکيو - سڪر وارو

سگ (٣) واسطا - تعلقا

سگڙيون (١) سگيڙن (٩) ندءا سگ جي فقير ڪٽندا آهن - سِگ جي جوڳي وجائيندا آهن

سَلَ (٧) سوراخ - ڦٽ - زخم (٢-٥)

سُلاء (٣) سُٽاءِ - ٻُڌاءِ - سَل - ڏس ڏي

سُلتائون (٢) ڏسيائون - ظاهر ڪيائون - سليائون

سُلوڪ (٩) تصوف - حق ڏورڻ جو طريقت

سَماع (٢) راڳ - ١- ڳائڻ (٣٣-١)

سَماءِ (٥) سمائي - نهي - جُڳائي

سُفانُ (٩) وڇڻ هندن جو - غسل ڪرڻ

سُنڙو - سُنڙا (٢) خوش - سرهو (٢١-٥) (٢١-٩) (٢٥-٣) (٢٨-١) (٣١-٢) (٣٤-٢)

سُنڪڻ (١٠) ڏڪڻ

سُنڪ - سنڪي (٢) ڪوڏ، جو هندو فقير وڃائيندا آهن (٢١-٨)

سُنگت (٢) سنگت - جماعت

سُنگا - سَنگها (٣) حمل - هيت هارجي نسرڻ جي جاءِ - سنگ ساٿ - گڏ

سُوائي (٢) جڳي وائي وارا - جڳي بولي وارا

سُورا (١) سور

سوزمُبحان (٦) سُبحان جي تسبيح - سبحان جو وظيفو

سوڪ (٢) خوش

سُوئيتا (٦) سُوءِ ڪندو - ماتم ۾ عمر گذاريندڙ

سويساهيا (٩) جڳي ويساهه وارا

سُهاڳي (٧) سُکيا - خوش

سُهج (١) سيڳار - سکر - سهج (٣٥-١)

سُهڙڻ (١٠) رهڻ - گذارڻ - آرام وٺڻ

سُهندَ (٩) جڳي جاءِ - سهڪندڙ هنڌ

سِيرُ (٥) ڀنل - سچائي - استقامت - ڏڍ

سير (٧) رستو - واٽ

سيلهي (٩) (٢) ڏاس جو رسو جو فقير مٿي کي ٻڌندا آهن ڳاني جانورن جي ڳچيءَ جي

## ش

شَرع (٧) شريعت - شريعت جو حڪم - انصاف (٣٠ ٢)

شريعت (٥) سلوڪ جو پهريون درجو جنهن خدا جي حڪم ۽ محمدي شرع تي هلڻو آهي، مطابق ناسوت جي

شڪر (٢) بيت (پارسي)

شمشير (٢) ترار (پارسي)

شومت (٩) شامت - شومي - خرابي - سزا

## ص

صابري (٨) صبر وارو - ڏکن تي صبر ڪندڙ

## ض

ضلالت (٠ ) گمراهي (٣٣-١)

## ط

طلاق (٥) زال کي شريعت موجب ڇڏي ڏيڻ - نڪاح جي بند کان آزاد ڪرڻ

طَلَبُ اللہ قَبل ڪُلِّ شَيءٍ (٥) خدا جي طلب سڀني شين کان مقدم يا اڳي آهي.

طَلَبُ اللہ ڪُلُّ فَرِيضَۃٍ (١٠) خدا جي طلب سڀني فرضن جو مجموعو آهي يعني اُنهي ۾ سڀ فرض اچي تا وڃن

طُورسينا (٥) جبل جو نالو جنهن تي حضرت موسيٰ کي خدا سان ڳالهايو

## ع

عارف (١٠) معرفت وارو - خدا کي سڃاڻندڙ (٣٠-١)

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

عَدِمِ (١) نيست - نابودي (٢١-٥)

عرفان (٥) معرفت - خدا کي سڃاڻڻ

عَلي - عُلي شاهه (١) مولاعلي مشڪل ڪشا (٢٣-٣)

عليءَ جو ميدان (٩) حضرت عليءَ جو خاص گُڻ يعني فقر فاقو - بلڪ انجو خاص رستو يا پيروي

عين ٽيو (١٠) معلوم ٿيو - ظاهر ٿيو

## غ

غَبي (٩) موڳو - نادان (يعني اي غبي)

غنود (٩) آرام - ننڊ (پارسي)

## ف

فاني (١) فنا ٿيندڙ - نابود ٿيندڙ واصل بالله (٣٠-١)

فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْد (١٠) قرآن (٥٠سورة) پوءِ اڄ يعني قيامت جي ڏينهن تنهنجي نظر تمام تيز آهي -

فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنىٰ (٥) قرآن (٥٣ سورة) يعني پوءِ هو (يعني حضرت صلعم معراج وقت) خدا کي ٻن ڪمانن جيترو ويجهو ويو بلڪ انهيءَ کان به نزديڪ (٢٤-٢)

فَلَهُمْ أَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْن (١٠) قرآن مان - يعني پوءِ جن لاءِ آهي اجر نهايت گهڻو

## ق

قَال (٢) گفتگو - زبان سان ڳالهائڻ

قِبلہ نما (٥) ننڍڙو اوزار جو قبلو ڏيکاريندو آهي

قتلام (٦) قتلام - قتل - ڪهڻ مارڻ

قُربُ (٥) ويجهڙائي - نزديڪي (بُعد جو ضد)

قضائي (٩) اتفاق سان - ڪڏهن ڪڏهن - ڪنهن مهل

قُل هُوَاللهُ اَحَدُ (١٠) قرآن مان (١١٢ سورة) يعني چؤ تہ خدا هڪڙو آهي

قُلْ هُوَ الرَّحمٰن آمَنّا بِهٖ (١١ قرآن مان (٦٧ سورة) يعني چؤ تہ خدا رحم ڪندڙ ۽ مهربان آهي ۽ اسين ان سان سڀ امن آهي

قنديل (٢) زنبيل - ڪچڪول ڪشتو يا پيالو فقيرن جو

قيام (١) قيامت - قهر - بيهڪ استقامت

## ڪ

ڪابُول (٦) ڪابل شهر

ڪابولي (٢) ڪابل جا - ڪابل ڏي ويندڙ

ڪاپُٽ (٣) جوڳي فقيرن جي هڪڙي ذات

ڪاپڙي (٣) جوڳي فقيرن جي هڪڙي ذات (٣٤-٢)

ڪاچوٽي (٩) ڪپڙو جو فقير ڪچ وٽان يا اوگهڙ تي ٻڌندا آهن - لنگوٽو

ڪاراٽيا (٦) ڪارا ٿيا - ڪارا ٿي منجهان

ڪارنيان (٦) ڪارن منجهان

ڪارهين ڏينهن (٢) بارهين ڏينهن

ڪاندار (١١) ٻنيء جي ڪندي دارا - جانور

ڪَبي (٩) ڪهي - ڪڏهن

(هندستاني ڪبهي)

ڪَٽڻُ (۱) ڪٽ ڪٽان ڪرڻ
ٽڪر يا ڳٽي ڪرڻ

ڪُٽُ (۹) چيز متاع

ڪچڪول (۲) ڪشتو - پيالو
دريائي ناريل جو، جو فقير هٿڻ
لاءِ ڪتندا آهن

ڪُرا (۲) ڪوڙا

ڪُرتُ (۲) خوشي

ڪَرَمِ (۲) نصيب - قسمت
(۲۵-۴)

ڪُرْمِ (۸) ڪرمسان - نصيب
سان

ڪِرَڄُ (۲) گند ڪچرو - ڪڪر
ڪچرو (۲۱-۶)

ڪَشَا (۷) ڇر جا ٻٽا - رسا

ڪُڪَرُ (۴) وڏ - جهڪ - ڇير

ڪُلَ (۱) (۹) سڀ (جزو جو ضد)
پور - ڀر - حدا (۳۰-۳)

ڪَلاتَ - ڪُلاتَ (۱) ڪُلال
سست - ري محبت - دوستي
جا ڪوڙا (۲۰-۴)

ڪلپتي (۲) ڪاوڙيل - خيال
وارا

ڪُلڪڻُ (۸) ڪُلڇڻ - بدخُلقي
بدعادت

ڪُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فانٍ (۵) قرآن
مان (۵۵ سوره) سڀ جيڪي
زمين تي آهن سي فنا ٿيڻ
وارا آهن

ڪملا (۹) ڪٽو - پيالو (يا ڪمر
لهر) ڪُومل - محبوب

ڪُنَ ڦَٽَ (۳) جنهجا ڪن ڦاٽل
آهن

ڪن چير (۳) جنهجا ڪَن چيريل
آهن

ڪَنَ ڏار (۳) جنهجا ڪَنَ
ڏريل ٽڙيل آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُنُ ڪُتَ (٣) جنجا ڪُنَ
ڪتيل يا وڏيل آدن

ڪُنوتيا (٣) ڪن وڏيل- جوڳي
فقير

ڪوجهو (٦) (١٠) بد شڪل -
ظاهري خراب - گدلو

ڪورائڻ (٣) ترپائڻ - وڏائڻ

ڪُويساهيا (٩) بي ويساهيا

ڪِها (٢) ڪيها - ڪهڙا

ڪُهنَد (٩) خراب هنڌ - رڻي هنڌ
ڪنهين هنڌ نه - لامڪان

ڪِينَدان (٩) ڪين ڪان

ڪِينو (٣) (١٠) وير وڏ- ڪاوڙ
مستي - خودي - هٺ

## ک

کِهائي (٥) رُئازي - رنجائي

کدا (جمع کدائون) (٢) (٣)

(٩) (١٠) پيالين - جهڙين

کُڏيون (٣) ڇهرا - ڪوليون
اوطاقون

کُوڙ (٨) ڏُکُ - ڏمر

کُوڻ (٣) طرف - پاسو- ڪنڊ

کِيڪن (٧) خوشي - خيرعافيت

## گ

گاڏها (٣) گڏهه جا - گڏهه
جهڙا

گُبري (٣) (٣) (٧) (٩)
گودڙي - پراڻا ڪپڙا

گهيا (٨) هليا

گدا (٢) گدائي - پنُ

گِراهه (٣) گرنهن - لقمو -
ڳاڙو - ماني - ٽڪر

گِرداب (٥) ڪُن - اوڙاهه

گِردائڻ (٥) ڦري اچڻ - معلوم

ڪرڻ - واقف ٿيڻ - سمجھڻ
ٻروڙڻ

گُر - گُرو (٢) مذن جو مرشد

گِروان (٦) گريبان - پهراڻ جي
اندر - اندرم

گلوبند (١٠) ڳچي کي ٻڌڻ
جو ڪپڙو

گَن (٢) فائدا

گِندا - گِندي (٩) رلي - کٿي
ڪدا يا جھڻي

گُندي (٩) ڪپڙو

گنگا (٢) هندن جي پاڪ ندي
(٢١-٨)

گُنگا ٽي (٢) گنگا ندي جي نر
ڳالهائين

گوڏڙ (٩) وڏي گوڏڙي

گوڏڙيا (٢) گوڏڙي وارا -
صوفي فقير (٣١-١١)

گورگدا ت (٧) جوڳين جو وڏو
مرشد

گوء (٣) گفتگوء - گفتار -
ڳالهائڻ

گٿي (٢) وئي - گذري
(هندستاني)

گيانُ (٥) علم - معرفت (هندڪو)

## ڳ

ڳاڙ (٧) ڳڙي - وسي

ڳاڙهه (٧) لڙائي

ڳُنڌڻ (١) واس وٺڻ - بوء
وٺڻ - سڳند وٺڻ - سڳهڻ -
ڳولڻ

ڳُنڍڻ (ڳالهه) (٩) ڳالهه ورن
ياد ڪرڻ - اورڻ

## گھ

گھَرَ (٥) سستي - غفلت -
مونڃائي - آرس

گهاٽ گهڙڻ (١٠) صورت بڻائڻ جيئن سونارا ڪندا آهن - تجويز ڪرڻ - رٿ رٿڻ

گهاللار (١) ڏورو ڏمت جنهجي گهنڊ يا گهنڊڙيون پڌيون آهن - گهنڊ

## ل

لاتحرڪ ذرة الا باذن الله
(١٠) قرآن مان هڪڙو ذرو بہ خدا جي حڪم کان سواء نٿو چري

لاشڪ (٣) بيشڪ - ضرور (١-٣-٧)

لاڳي (٧) لڳي

لامقصود في الدارين الا هو (١٠) حديث يعني ٻنهي جهانن ۾ الله کان سواء ٻيو ڪو بہ مقصد يا مطلب ڪونهي

لاهوت (١) سلوڪ جي چوٿين منزل مطابق معرفت جي - ذات الاهي

لاهوتيڪو (٨) لاهوت جو

لاٽئن هٿندڙي (١ زبردست ڪندڙ - هيٺ ڪندڙ - جيتيندڙ

لا يفوت ولا يموت (١٠) حديث نڪي فوت ٿئي ٿو نڪي مري ٿو

لٻ (٧) ٿڪر - طمع - موڙي نقد - روڪڙ

لُڦا (٢) نظارو - ڏيکاءُ - اسرار

لَڪا (٢) جبل لڪا جو

لڪ (٩) ذرو

لُڪ (٩) ماندائي - درماندگي فڪر - انتظار - ڳڻتي - ذڪر

لَڳڻ (٩) لڳا هو دنيا جو - حجاب - پردو

www.sindhsalamat.com                books.sindhsalamat.com

لمي (٥) جهڪي - نماڻائي - نيا ز يا تواضع ڪري - لمبي ڏگهي

لنْ تنالُوا البِرَ حتيٰ تُنفقُوا مِمّا تحبُّونَ (١٠) قرآن ۾ (٣ سورة) يعني اوهانکي ڪا ۾ چڱائي حاصل نه ٿيندي جيسين ڪ اوهين انهي ۾ خرچ نه ڪندو جنهنکي دوست ٿا رکو

لنگَ (٢) لانگوٽو لنگ پردو جو ڪپڙو

لُوڙڻ - لُوٽڻ (٣) لٽڻ - ڳولڻ پيڻ - خرچڻ - صرف ڪرڻ بخش ڪرڻ (٢١-٦)

لوڙا (١) فرياد - دانهون - (لوڙائو بيت انهيمان نڪتل)

لِينگَ - لِينگهه (٩) لِيڙ - ڦاٽل ڪپڙي جو ٽڪر (٢٢-٣) (٣٥-٢)

م

مانَ (٨) ماڻ - احسان - ٻڌائي

مَا زاغَ الْبَصَرُ وَ مَا طَغىٰ (٥) قرآن ۾ (٥٣ سور) يعني نه نظر ڦري نکي ٿي ۽ نه نا فرماني ڪيائين

ماڳون (٥) منهنجو ماڳ - منهنجي منزل - منهنجي جاءِ

ماهه (٣) چند - چاندوڪي - رات (٢١-٩)

ماءِ (٩) ماڳ - جاءِ - جڳهه - جاءِ ٻاءِ

مِٽَ (٥) ماري

مُڃ (٩) نوڙي - سڱ جنهان ڪتي رسا جوڙيندا آهن

مِحراب (٥) مسجد ۾ قبلي واري پاسي ۾ ڪمان جتي امام بيهندو آهي

مُخلوق (۷) خلق - ماڻهو

مُدّعا (۱۰) مطلب - مراد

مُراقبو (۱) خدا ڏي دل حاضر
ڪرڻ - خيال پچائڻ - تفڪر
ڪند ميٺ جهڪائڻ

مِڙڻ (۴) ملڻ - گڏ جڙڻ

مَڙهي (۳) مندو فقيرن جو
تڪاڻو - مڪان - دائرو

مِسُ (۹) (پارسي) ٽامو -
ڪوڙي يا مٽي ڌاتو جنهن ۾
آلايش يا ميل هجي ۽ جنهنکي
ڪيميا سان ڦيرائي سون يا
چاندي ڪرڻو ٿئي - گڏ جڙڻ
حل ٿيڻ

مُسُ (۹) اُڃ

مُسحو (۷) مسح - ماڻهي سان هٿ
پيري مٿي يا پيرن تي لائڻ
(جمع مسحا) (۳۱-۹)

مُسلمَ (۶) سونپيل - حوالي

ڪيل - خلاصي طرح ڏنل

مقالاتن (۱) مقال ڪان - گفتگو
ڪان يعني الست ڪان

مُلاقي (۴) مليل - گڏيل -
ملاقات ڪندڙ

مُلحِد (۱) بيدين - خدا ڪان
ڦريل

ملڪوت (۵) ملوڪ جي پي
منزل مطابق طريقت جي

مُدهو (۱۰) ڪتولو - ڪٿ - وڏي
مداحي

مُندا (۳) (۴) ڪنگڻ - ڪان
جا داڻا يا چلا جي فقير هٿ
جي ڪارائي ۾ وجهندا آهن
يا ڪن ۾ پائيندا آهن

مَنْ عرفَ اللهَ ڪَلَّ لِسانُهُ (۹)
حديث يعني جنهن خدا کي
سڃاتو تنهنجي زبان گنگي
ٿي يعني سو ماٺ يا صبر ۾
رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَنْ لَهُ الْمَوْلىٰ فَلَهُ الْكُل (٩)
حديث - يعني جنهنکي مولىٰ
آهي تنهنکي سڀڪجهہ آهي

مُٺي (٨) مُٺيا - نور

مُونا (٥) گوڏا

مُوءِ (٢) (٦) وار - چوٽا - چڻائون

مُهرو (١٠) مهارو- ٻردي واري
ڪٺ

مُهندڙي (١) موهيندڙ

مُهيسي (١) (٧) مڪڙي قسم
جا فقير- جوڳين جي مڪڙي
ذات

مهيتا (٦) ميت مليل - مٽيون
ميتا= يعني جنجي مٽيون ۽
ميت يا مٽي يا خاڪ مليل
هجي

مُهِسُ (٦) نفس ـُ شهوت -
نفساني خواهش

ن

ناٿُ (٢) ڏٽلي - سردار- مرشد
جوڳين جو گُرو (٢١-٤)
(٢١-٩)

نارُلسر (٢) نارائنسر- هندن جي
تيرٿ جي جاءِ هندستان ۾

ناري (١) نار يعني باهہ وارا-
جنجي دل ۾ عشق جي باهہ
هجي

ناسُوت (٥) سلوڪ جي پهرين
منزل مطابق شريعت جي

نانگا (١) هندو فقير - جوڳي -
آديسي

نانهن (٩) نيستي - نابودي

نالي (١) جبل ۾ مڪڙي جاءِ
جتي فقير زيارت تي ويندا
آهن (٢١-٤)

ناهِ (٣) نيستي - نابودي

نَجِيبُ (١٠) شريف - چڱي اصل نسل وارا (٣٣-١)

نِرالو (٩) آزاد - سڪٽو - الڳ مجرد

نزاع (١٠) جهيڙو - جهڳڙو

نفي ڪرڻ (٩) نابود ڪرڻ - انڪار ڪرڻ (اثبات جو ضد) (٣٠-٢)

نمُود (٩) ظاهر

نَنڍِ (٩) ناهر - نديان - گهر

نِنڊ (٢) رڻ - پٽڙ

نُوري (١) نور وارا - جنجي منهن ۾ نور هجي - جنجي دل معرفت جي نور سان پربل هجي

نيرانا (٢) سواءِ ڪاڏي جي - نڪيا - سواءِ لذت دنيا جي

و

وَاذْڪُرْ رَبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ (٥) (٩) قرآن مان (٧ سورة) - يعني پنهنجي رب کي پنهنجي اندر ۾ يا دل ۾ ياد ڪر

واڳي (٧) واڳه

وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْر (١٠) قرآن مان - يعني الله سڀ شيءِ تي قادر يا قدرت وارو آهي

وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰى أَمْرِهٖ (١٠) قرآن مان الله تعاليٰ يعني پنهنجي امر تي غالب آهي

وَاللّٰهُ يَدْعُوْا إِلٰى دَارِ السَّلَامِ (٥) قرآن مان (١٠ سورة) يعني ۽ الله سلامتي ۽ آرام جي گهر ڏي سڏي ٿو يعني بهشت ڏي

وَالقدر خَيْرِه وشرِه من الله
تعاليٰ (١٠) قرآن مان يعني
سڀڪنھن خير ۽ شر جو لهراءُ يا
مقرري خدا تعاليٰ کان آهي

واٽڻ (٩) مڙهڻ - جوڙڻ

وِڇَڙي (١٠) رچولي - سڌي
يعني صراط المستقيم

وَڍُ (٣) گهاءُ - درد - زخم
(٣٤-١)

وَرِدُ (١٠) وظيفو - جيڪي
ذري ذري يا گهڙي يا لهرا يل
وقت تي پڙهجي

وَرَنَ (١) رنگ - روپ - حالتون
صورتون

وُرود ڪرڻ (٩) وارد ٿيڻ -
پهچڻ - داخل ٿيڻ

وَلَ (٧) پوکر

وَلَسوفَ يُعطِيڪَ رَبُّڪَ فَترضيٰ
(١) قرآن مان - يعني ۽
سگهوئي تنهنجو رب توتي
عطا ڪندو ۽ پوءِ تون خوش
ٿيندين

ولڙ (٧) زمين پوکڻ - کيڙڻ

ولهو ويس (٩) غريباڻو کپڙن
۾ - ظاهري ۾ نماڻا ۽ ضعيف

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنسَ اِلَّا
لِيَعْبُدُوْنَ (١٠) قرآن مان (٥١
سورة) يعني ۽ نه خلقيو آهي انسان
جن ۽ انسان سواءِ انهيءَ جي
ته عبادت يا بندگي ڪن

ويراڳب (٢) بيراڳب - مڪان
خال جو (٣٤-٢)

ويراڳي (١) بيراڳي فقير -
دنيا جا تارڪ

ويراٽت (٣) جوڳي هندن جو
وڏو مرشد - خدا

ولڪ (٦) ويڪرائي - ڪشادگي
ڪلاسو ميدان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِيلا (٥) ڦاڻا - ٻڪون

## ھ

ھاھُوت (٥) -لوڪ جي ٻنجين منزل لاھوت کان مٿي

ھَٽِ (١) وٽ - اڳيان

ھَڏو (٣) يعني دنيا، جا حديث موجب ڏوڻيد آھي ۽ جنھنجا طالب ڪتا آھن

ھُرڪيس (٩) ھر رنگ جا - ھري يا خدا جي رنگ سان رچيل

ھَرنام (٦) ھريءَ جو نام - خدا جو نالو - ھندڪو رستو خدا کي ياد ڪرڻ جو

ھِنگلاج (١) (٢) (٣) (٤) جبل ۾ ھڪڙو ھڪان جتي ھندو فقير زيارت لاءِ ويندا آھن (٣٣-١)

ھِنگلور (٨) ھنگلاج - ھندو فقيرن جي زيارت جي جاءِ

ھِنْيار (٩) ھيل - ھن سال (اپر جو ھد) ھڪل

ھُوا (٢) حرص (پارسي) (٢١-٣)

ھُوَاللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهّارُ (١٠) قرآن مان (١٢ ۽ ٤٠ سوره) يعني الله ھڪڙو ۽ زبردست آھي

ھِيار (٦) ھيل - ھن سال

## ي

ياقُوت (١) موتي

يَرڪُ (١٠) گناھ

يَهْدِي اللّٰهُ لِنُورِہٖ مَنْ يَّشَاءُ (٤) (٥) قرآن مان (٢٤ سوره) يعني خدا تعاليٰ جنھنکي گھري ٿو تنھنکي پنھنجي نور

تائين رسائي ٿو يا هدايت ڪري ٿو

---

## ٢٢ـ سر رِپ

### ا

اَڪلا (١) عيبدار – گندا – ميرا (٢٣-١) اگلي

اَڱور (١) ڳاخون – گونچ – ٻورن جا اُڀار

اندريون – اَنداريون (٢) لوهه جون ڪڙيون – ڪالي جو ڳپ يا اندريون مال تارن جهڙو

اونون ڏيڻ (٢ اونجهڻ – زور سان لڳڻ

اورالو – اوراجو (٢) رنج – راڙو – غم – مصيبت

اوڳاڻ (٢) موڳائي ڪرڻ –

ڳافل ٿيڻ

### ٻ

ٻيٽ (٢) حال ٻائي - محرم - سنگتي - همنشين

### پ

پارابو - پاراڀو (٢) پيغام - نياپو ( ٢٠-٤) (٣١-٩) (٣٤-١)

پتائتي (٢) پت جي - ريشم جي

پوت (٢) پوتي - ڪپڙي جي ڪنب - پلؤ

پُوتَ (٢) تڪر - داڻا - مٺڪا ذرا ذرا

### ج

جُڏ (١) جُڏا - مُڏا - عيبدار عيب

جڏوئيين (١) جڏوين کي - جڏن کي

جوڙن (٢) جواني

جهہ

جهالڻ ڪرڻ (١) ليلائڻ - زاري ڪرڻ

جهيڻو - جهيڻي (١) ماڪو - آهستو - مانو - گهٽ روشنيءَ وارو (٥-٢٥) (٤-٢٥)

چ

چُڳُرُ (١) هوش وارو - ريڊل - لڳيل - چُٽ - دليو - لڳي

ڊ

ڏَنڪيا (٢) يڙڪيا - پريا

ڏ

ڏور (٢) ڏوري - ڏورياڻي جو - مڪان جو نالو

ر

راهُو (٢) مڪڙي سڄي ماڻهوءَ جو نالو

رُهُون (٢) لٽ

ريٽ (١) درياهه جو ڪچو - رهو

س

سَبُرُ (٢) گهڻو-مضبوط - سخت ڏاڍو - زور وارو (٢٨-١) (٣١-١) (٣١-٦)

سَيُرجڻ (١) ياد پوڻ

سَتُ (٢) مجلس

سُمُهُ (١) سمهه - ننڊ ڪر (٥٢-٣)

سوريندل (١) سوريندڙ - باهه ڪيري ڪيڏي ڪانيون سوريندڙ

سُوڙ (٢) سُوڙ - رهائي - مڪان وڇڻ جو ڪپڙو

سُسيون (٢) سُڱيون

## ڪ

ڪهرو (٢) گاڏيلو - گاڏي

ڪَنجُ (٢) زالن جي ڍڪڻ جو چولو يا ڪپڙو

## ڳ

ڳُڙ- ڳڙهه (١) اندر- ڳُجهه ڳوهه لڪ ڇپ ه

ڳلي (١) ڳهٽي - ڪوڇو

## ل

لَڳهه (٢) ڦڙو - ڦطرو - سنهڙو مينهن يا ڪڪر

لَلاٽي (٢) مڪڙي ذات يا قوم

لوء (٢) ڳوٺ شهر (٣٣-١)

## م

مُجُوني (٢) شوخ - بيهدو

مَڙُ ( ) مڙيون. سامان - پاڻيءَ ۾ جڙيل گهر

مَنڻ (٢) ليوڙڻ - گڏڻ - ملڻ

## ن

نار (٢) ڪوهه جي اندر پاڻيءَ جو سيمو

نَي وهاڻي (١) رات گذري ڪان پوءِ - پرڀات - اسر - فجر (٣١-١١)

## و

وانجهي (٢) وڻجهه وارو- پيڙي هلائيندڙ- ويران - وانجهي لٺ جنهن جي هيٺين ڇيڙي لوهه جون ڪڙيون وجهندا آهن يا پوري لٺ

ويڻان (٢) ھمنجا وڻ- ھمنجا ڏورايا - ھمنجا طعنا

## ٢٣. سر ليلا چنيسر

### ا

آڇاڙ (١) نبيرا - فيصلا - ڪم افعال

آڙ (١) ڏاڏ - انگل - ماڻو

آڙڻ (١) التجائڻ - آزڊڻ- وچبر وجهڻ يا آڏڻ (ڪارون آڙڻ = نياز ڪرڻ - واسطا وجهڻ - منت زاري ڪرڻ

آسائبو (١) آسانگو - آسرو- اميد - انت

آسُر (١) آسرو - اميد

آڳُ (١) آگهُ - اڇو - آسرو ڀُهندار .

آياڳو (١) ابياڳو - خراب

آتِ (١) گهٽو- گهٽا (٢٧-١) (٣١-٧) (٣١-١١)

اڳليُون (١) ميربون - مديون عيبدار

اڳليُون (١) اگيون - پيون زالون

اوڇيون (١) ڪمينيون - عاجزون - حيران

اولا (١) ڍڪ - آڇها - ٻڪا- ڀنگا - ڏکر - شر

اوڻت (١) اڻ ٻڻت - ناسازي ڏهاڳ

أهاء - أهائي (١) حال اورڻ قصو وري وري ڪرڻ - گاله ڪرڻ

أهنڊ ڙ (١) وڳو

### ب

ٻاڙ ٻڻ (١) نديڻ-نديڻ وهي جواني (٣٢-١)

ٻانهورٽا (١) ٻانهن جا زيور - ٻانهرڪيون

ٻه رنگو (١) ٻن رنگن وارو- تورن مڪرن ياتجوبزن وار

ٻوڪُ (ا) ٿوهر - حسن - سونهن
(جئين وڻ ٻوڪبو آهي)

## ڀ

ڀرڻ (ا) راضي ٿيڻ - گهمڻ - ڦرڻ - موٽڻ (١-٣٦-١)

## ت

تامِري (ا) رني - ڪٽوري - پيالي

تُٺڻ (ا) چڪ ناڻ ڪرڻ - وڙهڻ - اجائي هلت ڪرڻ

تِهَير (ا) تيهر - تِعهن وير - انهي وقت - تڏهن

## ٿ

ٿِڙڪڻ (ا) ٿِڙڪڻ

ٿِڙڻ (ا) ٿِڙڪڻ - ٿِڙڪڻ - ڦِرڻ

## ٻ

ٻارُ (ا) ٻاسي - ٻاسدار - طرفدار

ٻاٻت (ا) وفا - ويساھ - اعتبار

ٻرٿڻ (ا) سفارش ڪرڻ - ٻارت ڪرڻ - سونپڻ

ٻوجا (ا) ٻونجا (ا) ڏنگا

## ج

چاڪ (ا) چاتر تر - ٻانبر تر

چَنيسر (ا) جام جو نالو جنهنجي زال ليلا هئي

چوُرنگ (ا) جئن رنگن وارو ڏاڍو ڪر گهڻن مڪرن يا ڇهوڙن وارو

## د

دَادلي (ا) لاڏلي - پياري

دامڙو (ا) ذات چنيسر

داڪ (ا) داغ

دَس (ا) ڀيرو - دفعو

دَستِ ڪرڻ (ا) هٿ آڻڻ -

ٻھنڇي وس ڪرڻ

ڏڪ (۱) آلڪو - انتظار - اشارو خبر

ڏيريدار (۱) وڏيرو - ڳوٺ جو ڏڻي - سردار

ڏيميون (۱) لشڪر

## ڏ

ڏتارو (۱) ڏتاريندڙ - ڏکيندڙ ضرر وارو

## ڏ

ڏنهائڻ (۱) ڏکوئڻ - رنجائڻ

ڏوهاما (۱) اوهاڻا - ڏوراپا

ڏوهاڳ (۱) مڙس جو رنج يا ناراضپو يا رساڻو

## ٻ

ٻوهڻ (۱) ڏوهه ڏيڻ - ننڊارڻ - ڇهلڻ - ٻهارڻ - جهڪي اچڻ ... وڃڻ (۲۸-۱)

## ڍ

ڍياڻ (۱) لاهڻ - ڇڏڻ - ڍيلڻ

## ر

راڇاڻ (۱) راڄا - داتا (۲۷-۱)

رء (۱) راء - خيال

رساڻو (۱) رسارو - رس ڪندڙ - غيرت وارو - رسارو ٿيو

## س

سوهي (۱) سوهيا سونهن واري يعني ليلا

سورڻ (۱) صفا ڪرڻ - ناهڻ - ٻهارڻ - ڪڙي شيءِ ڪ هندان ڪٽي ٻئي هنڌ رکڻ

سوڪ (۱) سڙيل - سڪل

## ص

صحبي (۱) صحبت ڪندڙ

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(سوجهي)

ف

فرق (١) ويڇو - جدائي

ڪ

ڪاپائتي (١) ڪابو ڪندڙ
پورهيو ڪندڙ

ڪاڄڙو (١) ڪاڄ - ڪم

ڪانڌيلا (١) ڪانڌ جهڙا -
ڙرس جهڙا.

ڪُر (١) زيور

ڪِرت (١) ڪم - ڪاروبار

ڪَرلاهو (١) خبر رکندڙ - سنڀال
ڪندڙ

ڪَرموڙڻ (١) آرس ڀڃڻ -
ڏکجڻ - ملول يا غمگين
ٿيڻ

ڪَسوٽي (١) پرکڻ

ڪُٽهار (٢) ڦار - ڪٽڻ يا
ميٽڻ وارو

ڪَٽيون (١) ڪٽا - داڻا -
منڪا - موتي

ڪومو (١) گرم پاڻي وهنجڻ
لاءِ

ڪُونرڙ چنيسر جي ئي زال
جا ليلان جي ڀاڄ هئي

ڪُوٽ (١) اڻ ٻٽت - ڦيتارو
ڏاڍپ

ڪيس (١) رنگ

ک

کُار (١) خار - جڙ - ڦُسو -
دشمني

کُمڻ (١) ترسڻ - ٺهرڻ - تڪڻ
صبر ڪرڻ

گ

گاءِ (١) گُهر - گُسائڻ - لتائڻ

مونَ - جهت

## ڳ

ڳهڻو (١) زيور - گهه

## ل

لاڪپ (١) بخشش (٢٠-٣)

لڄڻ (١) لڄ ڪرڻ شرم ڪرڻ

لکڻ (١) لڇڻ - خصلتون

ليهور (١) شهر جو نالو - لاهور تخت گاهه يا گادي جو هنڌ

## م

مارو (١) ڏکر - خرابي (٢٦-١)

مَنڍڻ (١) ٻڌارڻ - شروع ڪرڻ رٿڻ

مِهڙ (١) مهر - رحم - مهرباني لطف

## ن

نُڦرو - نُڦرَ (١) دهل - ڍولڪ - سرنائي - وڄائڻ جو ساز - نڙ - سگر (عربي ناقور)

نِلو (١) خلاصو - خاص - رڳو - خالص فقط (٢٥-٢)

نَهڙ (١) جيئڻ - زور ٻوڻ - ٻڌڻ

نَهيو (١) ٻڌو

## و

واپار (١) دوستي

واءِ (١) جڳو - وام

وِڏوڙجڻ (١) ٻڪڙڻ - خراب ٿيڻ

وِمُوڙي (١) موگهي - ٻليل - ويسري (٣٠-٢)

وِلُڙڻ (١) هٿ تي موٽڻ - ڦرڻ

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

وَلهَوَ (ا) مڙس - ڀتار

وِلهُون (ا) سياري جا ڏينهن سيءُ واءُ - رات جون ماڪون

وِٽوائڻ (ا) ڪميڻي - نڪمي اجائي - ضايع (٢٦-١)

وَهُر (ا) مهرباني - مهر

وَهُون (ا) زالُون - عورتون

ويڙهيارو (ا) ذات - جنهنجي ڪن ۾ ويندا يا زيور هجن

### ه

هاوي (٢) دوزخ

هائي (ا) ڪڏ - جهنم - ٻاهر

هِرڪڻ - هرڪڻ (ا) خواهشمند ٿيڻ - سڌ ڪرڻ

هڙدهه هزار (٣) ارڙهن هزار - ساري جهان ڪي دڙده هزار عالم چوندا آهن

هِمٿڻ (ا) همت ڪرڻ - همت جهلڻ

هِندورو (ا) ٻمنگهو

## ٢٤- سر بلاول

### ا

آرُ - آرو (٣) مُهاڙ - واسطو - قرب - پيار (٣١-١٠)

آرڻ (ا) قلعو - حائو - حملو

آروڙجڻ (ا) گرم ٿيڻ - هيبت ڏيکارڻ - دڪل ڪرڻ

آماڻ (٣) آس مُداجهان - اُميد ڪري

آمائو (٣) آس وارو - اُميدوارو - غرضدار

آڪُڙيا (٢) منجبا تنجبا - آٽڙندڙ

(اڪڙڻ = آتڙڻ - ترڪڻ)

آڳُ (٣) آڳو - مدد - مهندار هادي

آڳاهو - آڳاهي (١) اڳي ويندڙ - مڪڙي ذات - شهر جو نالو

آڳي (٣) نڪ جي چوٽي - خود مطلب

اڙو (١) چام اڙو - چام سوو مڪڙي ذات

اڏ پهر (١) قاصد - تکو پانڌي

اُجرڻ (٢) صفا ٿيرڻ

اجور (١) مشڪلاتون

اُجورا (١) عيوضا - اجر - ثواب انعام

اجورا (١) ضعيف ماڻهو - غريب نرچڱا

اجوڙا (١) اڻ جوڙ - اڻ چڱا - خراب

اُڏ مڻ (٣) اڏامڻ - اڀامڻ - پلٽڻ (٣٠-٤)

اَسدُالله (٣) خدا جو شينهن - حضرت علي جو لقب

اَسُور (٢) آسر (ضد سنجهو) (٣١-١١)

اَصْغر (٣) ننڍي - ننڍو جهاد ننڍي جنگ (ڪافر سان جنگ کي جهاد اصغر چوندا آهن حديث ۾)

اَڪْبر (٣) وڏي - وڏي جنگ وڏو جهاد (نفس سان وڙهڻ کي جهاد اڪبر چوندا آهن)

اُڱر (١) مڪڙي ذات - چام جو نالو

اَڻ ٽُٽيا (٣) ٽوڙڻ پاسمر کان سواء - بي سمرا

اوَيُرُ (٣) ڍڪُ - پردو - پناهه ڇانوَ

اوڍڪو (۳) ڍڪ - ٻرڏو- ڇانو

اورڪ (۴) گذار - گذارو ڪر- ڏاهپو رکڻ - مشغولي

اوڙاهه (۳) درياهه - سمنڊ - اونهو پاڻي (۲۸-۱) (۳۲-۱)

اوڙڪڻ (۳) پروڙڻ - معلوم ڪرڻ

آهڪ (۱) اڙڪ - ڏکيائي - مشڪلات

ب

ٻڏو (۴) جهنگلي - نادان - گندو - بي فضيلت

براق (۱) اصل اهو گهوڙو جنهن تي رسول صلعم معراج وقت چڙهيو هو - تکو گهوڙو

بگر (۱) بغير - سواءِ - ڌارا (۲۵-۲)

بچ (۱) بچ - بچڙائي - بدي

بور (۱) گهوڙا

ٻ

ٻاٻلو (۴) لنڊو ڪتو - بدمعاش خراب ماڻهو - نالو ماڻهوءَ جو

ٻٽي (۳) ڦرڻ

ٻيلو (۴) شهر جو نالو - لس ٻيلو

ڀ

ڀاري (۱) وڏو - ڳرو

ڀرجهاو (۱) ڀروسو - پشت پناهه آجهو - آسرو (۴۳-۱)

ڀڙ (۱) بهادر - مردانو

ڀيلڻ (۱) ڪاٽڻ - چرڻ - لتاڙڻ لنگهڻ

ت

تار ڪرڻ (۳) پري چڙڻ

تاري (۱) طلب - ياد گيري - مهرباني

ٽاڻ (۴) گرمي (قيامت جي)

ٽرڪ (۱) مسلمان - هڪڙي ذات

ٽڪ (۱) سختي

ٽهه ڪرڻ (۳) خوش ڪرڻ - راضي ڪرڻ

## ٺ

ٺوڙ (۴) هالن واري پير جو مريد گهٽي ماتي ڪائيندڙ

## پ

پاڌ (۲) ڳٽهار - پنڌا فقير

پاتوالڙ (۲) سختي - وند پندڙ در پڇيندڙ

پاڳ (۱) پڳ - دستار

پاڳارا (۱) پڳ وارا - ملڪ جا والي

پالڻپ (۳) (۴) سردار

ٻانو (۳) بهادر - پهلوان - سخي مرد

ٻتيو (۳) سڀ ڪهو - وسهو بت آيس (ٻترڻ=بت ڏيارڻ)

ٻر (۲) پريل

ٻرس (۱) مڙس - مرد (۳۱-۸)

ٻرکنڊن (۲) پرديس پر - ملڪين ملڪين - پري پري

ٻڙ (۱) ٻت - جنگ جو ميدان

ٻورڙيا - ٻوريا (۱) پنڌ ڪيا پيچي سگهيا - وڃي لنگهيا

ٻهي - ٻيءَ (۳) واٽهڙو - رهگذر ماٽهو

ٻيڇي (۲) سوالي - فقير

ٻيتر (۴) ٻيتير - گهٽو ڪائيندڙ سختا ڄ - نالو ماٹهوءَ جو

## ج

جادم جکرو (۱) مشهور سخي

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

جام سنڌ جو حاڪم

جَس ڪَرو (٢) جس يا تحسين
جو لائق - نامور - ناليرو - جڳو
جڳي ناموس وارو

ڄَڪرو (١) هڪڙي ذات - جام
ڄکرو سنڌ جو حاڪم جو حاتم
وانگي مشهور سخي هو
(٢٤-١) (٢٤-٢)

ڄُودان (٣) جلد - زود - جُود
يا سخا مان

## جهه

جھمڻ (٣) زود ڪرڻ - مات
ڪرڻ - شڪستو ڪرڻ -
جيتڻ - پايمال ڪرڻ

## چ

چيتا - چندا (٣) فڪر - گهٽي
ڏکر - انتظار

چوڙڻ (٣) ڪر آڻڻ - لنگهڻ
هٿ ڪرڻ

## ڇ

ڇاڙهڳ (٣) ولر - گلو - لشڪر

ڇُڪيو (١) چونڪيو - وڙيو

ڇَل - ڇُليُون (١) لشڪر -
ڏنڊڪ - لشڪر جو عدد

ڇيڙ (٣) ماڻهن جو نبلو - انبوهه
جماعت - ماڻهو جي شڪار
ورائيندا يا هڪليندا آهن

## ح

حاتم (٣) حاتم طائي مشهور
عرب جو سخي

حَيدر (٣) حضرت علي جو لقب

## خ

خاڪي (٣) آدمي

خَبيث (٣) بڇڙو - خراب -
پليد (عربي)

خَريد (١) خريداري ڪرڻ -
مزا ڪرڻ

د

دارُون (١) شراب

ڏ

ڏاڪ (٣) هيبت - هڪل -
ڏيا - ڏکو

ڌ

ڌولکر راڄ (١) ڪڇ جي هڪڙي
راڄ جو نالو

ڊ

ڊيا (٣) ڊاول ڪيا - اُنهنکي
ڊڄ ڏنو (ڊائڻ = ڊڄ ڏئڻ)

ذ

ذُوالفقار (٣) حضرت علي جي
ترار جا بہ منهين هئي

ر

راهُو (١) (نالو راڄ راهو = جڳو
مڙس - راڄ سان رهائيندڙ)

رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ (١) حديث
يعني اي رب منهنجا مونکي
منهنجي اُمت ڏي

رَحْمَۃُ لِّلْعَالَمِيْنَ (٣) قرآن مان
عالمن جي لاء رحمت يعني
حضرت رسول صلعم

رُس (١) صلاح - مصلحت

رَڪ رڻي (١) جنگ - ترارجو
جهڪو

س

سارُ (٣) سنڀال - سنڀا - مهرباني
لطف

سال (٣) شال - پشمي چادر

ساقي (٢) شراب پيارڻ وارو -
مرشد - سخي

سامُ (١) لڄ - پناهه

ساهُو (١) بهادر - پهلوان - جو

سبب تڪليفون سهي

مُيَرُ - ميرو (١) وڏو - ٿلهو - مضبوط (٢٤-١) (ضد ايرو جو)

سُخاوت (٣) سخا

سُرڳُ (٢) چڱو - خوشبودار - بهشت

سُرٽيا (١) جي - رڻ يا سام اچي پون - پيش پوندڙ - پناهم وٺندڙ

سُمو (١) هڪڙي ذات - سمو جام - جام علاءالدين سنڌ جو حاڪم

سوائي (٢) سخي - چڱي وائي وارو

سوڙُ (١) ذمو - بار - جوابداري

سُورَت (٢) شهر جو نالو

سُومراڻ (١) سومرن جون زالون - هڪڙي ذات سمن جهڙي

سُونگ (١) محصول - لوازمو

## ش

شافع - شفيع (٢) شفاعت ڪندڙ

ڇڏائيندڙ

## ط

طُمطراق (١) دبدبو - حشمت (عربي)

## ع

عُجُوز (٣) تمام عاجز ماڻهو - ڪراڙي ۽ ضعيف زال - عاجزي

عراق - عراقي (٣) عربي گهوڙا (٢-٢٥)

عَطّار (٢) عطرفروش - سرهو - عطر وڪڻندڙ

علاوالدين (١) سنڌي ۾ آ بندي - سلطان علاؤالدين

سڀن جو جام جو سنڌ جو
حاڪم هو

## ڪ

ڪَرَن (٣) هڪڙي سمي جام
جو نالو

ڪُميتَ (٣) گهوڙا

ڪوم (٢) ڪو نه

ڪُهرُ (٢) شيخن

ڪِيانءِ (١) ڪِٿان

ڪِيرا (٣) ڪير - ڪلا

## ک

کرکرا (٤) گهوڙن کي صفا ڪرڻ
جا کرکرا

کڙا کٽڻ (٤) وڏيون وکون کڻڻ
پرانگهون پرڻ

کنگهار (٢ کيچ جي ڏاءِ جو نالو

کيلو (٢) سير - پناھ - قبضو-
حڪم

## ڳ

ڳڀرو (١) ڏر

ڳڀڙي (١) ڪچهري - دربار

ڳُهڙ ( ) سکر ماٺو - وڏو ماٺو

ڳُهڻ (١) پورهيو ڪرڻ - هڇڻ
سعيو ڪرڻ

ڳُهڻ (٢) ڳڇو - دل سان -
اشار ڪندڙ

## گھ

گهل (١) جماعت - ٽولي (خاص
چورن ۽ فسادين جي)

## ل

لائي (٣) لاءِ - واسطي - ڪاڻ

لعنتي (٣) ملعون - ڌڪاريل
پٽيل - لعنت جو لائق - اشارو
نفس جو

لنگها (٢) لانگها - لنگهڻ جون
جايون - مشڪل جايون

لوڙيون ( ) لڳهيون - مگھڻاريون ڦنيرياڻيون

لوڙو (۳) لڙ- گوڙ - جهيڙو - جهنگ

لوڙهيون (۱) چورن جون توليون

ليبي (۳) ناڪيلي أٿ جي - لڳ - ڪمينو

# م

مبين (۲) مشهور - ظاهر(عربي)

مٽير- مٽيرو (۱) سردار - بهادر پهلوان

مجوسي (۳) ڪافر- آتش پرست گبر- نفس امّاره

مڏو (۲) بڇڙائي - گلا

مرسل (۲) موڪليل - رسول- پيغمبر- پهندار

مستورات (۱) ستر واريون - پردي واريون - اشرف زالون حرمسرا جا ماڻهو

مضمضه (۱) گرڙي

مطيع (۱) فرمانبردار - مومن صالح ماڻهو خدا جو- نفس مطمئنه

مني (۱) تڪبر - مڪر - ماڻهو- سردار

موڙ (۳) گنڍ - گنڍڙي

موڙ (۳) مڇن موڙڻ - ساءو- گوشو- تارو

موزو (۳) جتي- چم جو جوراب پير- پيروي

ميسر (۲) حاصل - موجود

# ن

ناڪارو (۳) نهڪارو - نهڪر انڪار

نرڳ (۳) ڪنو - خراب -

دوزخ
ٻرڪي (٢) دوزخي
ٿهي (١) منع - خراب ڪم
ڪرڻ کان روڪ - اُمر جو
ضد

## و

وٽي (٢) شراب جي پيالي -
جام
وِچا (٣) علم - هنر - موتي
(٢٧-١)
وِڄ (٢) ڏهر
وَنڌيت (٢) سبب - تفصيل -
ذات جي خبرچار
ورتي (٢) وري - هلي - استعمال
ڪرا جي
وَرُو (٢) ماڻهوءَ جو نالو
وَڙ (٣) عزت - آبرو - ليا قت
وِڙ (٣) بيحيا ماڻهو - بد بخت

ڪهينا (٢٥-١)
وگنڌ (٢) نالو شام جي ٽڪري
مريد جو - گندو - ڪميڻو -
وڙو فقير
وِيري (٣) ويڙ - ننڍڙي ڪوڏي
ڪڏ جا پاڻي لاءِ وام جي تري
۾ ڪٽندا آهن
ويلهه (١) (٣) ويلو ٻڪر - فاقو
ولهائي

---

## ٢٥- سر ڏهر

### ا

آلاپ (٢) آواز
آئورا (١) اتور - گهٽو - تورڻ
کان ٻاهر
اڪيرڻ (٢) ياد ڪرڻ -
سڏيارڻ

أڳُولي ڳُرن (٢) عجيب قسم جو نياري قسم جو

اوڙ (٢) اڏيندڙ (گهمند جا)

اوڍو - اوڍو (٢) ياد گيري - ذڪر - خيال

## ٻ

ٻُٽُ (٢) ويرانو - ٻنو - غيرآباد ڪلر واري زمين

ٻَڌا ماڻي (٢) بدامر شهر جو ويٺل

ٻَڌا ماڻي ٻُنرو (٣) ٻُنرو نالي شخص ٻداماڻي ذات جو، جو ڪاڇي ملڪ جو حاڪم هو

ٻِلو (٢) علاج - بندوبست - جاءِ

## ڀ

ڀانارو (٢) ڀاتو - وائي بُنليل - رڙيون ڪري ڪري لڪل ٻيزار - نا اُميد (٣٦-١)

ڀاڀهل (١) ڀاڀهو - ٻڪي جو قسم خوبصورت ماڻهو

ڀَلِهار (١) مڪان جو نالو

ڀورا (١) ڀور - ٻولي - آواز

ڀهڻ (٢) ويهڻ (-راڪي)

## پ

پانگو (١) سڪل - سڙيل - ڦر ڪان سواءِ

پاڻُ (٢) تانو - پيالو - وٽو - جمني

پَلَ (٢) پلا جانور - چڱا

پُور - پُوري (٢) ميڻهن پوري رنگ جي

پيٺي (١) جاءِ - مڪان - هنڌ (٣١-١١)

## ٿ

ٿارين طور (١) ٿازي گهوڙن وانگي

ٽُلي (٢) پلو - سيڙو - ڇڪ (٢٨-١) (٣٣-١)

## ٽ

ٽُوٽا هڻڻ (١) مٿو هڻڻ - ٽڪ هڻڻ

## ٺ

ٺاٺُون (٢) ٺٺون - گهوڙا
ٺاٺوڪڻن (٢) ڇنڊڻ - ڇوڪڻ

## ٿ

ٺاڪُرو (٢) ٺاڪر - راجپوت - ٺاڪر جو
ٺَپ (٢) ڏهڪر - ڊول - شان

## پ

پالو - پالئو (٢) مڪان جو نالو ٿَرجو ملُڪ - پٽ (٢-٢٥) (٣١-١) (٢-٣١)

پُنڪڻ (١) کِلڻ - خوش ٿيڻ
پنيهل (١) ترَيا ڏوري جو نالو
پُنوَري (٢) جدائي
پُرو (٢) پنا هر - نظر
پُوَرُ (٢) ميهن پيچدار يا ڪُنڊين پگن واري
پي - پيڙو (٢) ساٿي - رفيق همراهر - مهمان - واٽهڙو (٣١-٦)

## ج

جاڙيجا (٢) ڪڇي قوم يا ذات جا ڪڇ ۾ رهندي آهي ۽ جا سمن سان وڙهي هئي
جُسراج - جَسو (١) ڪڇ يا جاڙيجن جي سردارن جا نالا
هَسوُ (١) ترجو نالو

جَسودا (١) مڪڙي ذات

جَسودن (١) مڪان جو نالو

**جهه**

جُهرڪڻ (٢) جمڪڻ- سونهن (١-٣٥)

جَهجِرو (٤) ٻاٽي جو تڙ- ڏورو

**چ**

چاري (٤) جاسوس- چاري رکڻ وارا (١-٣٥)

چَترِيُون (٤) جرچا- گهبا- توڪون

چِتاٽو (٤) تڙ جو نالو رڻ جي ڪناري تي جنهنکي جيتلو انون ٿا چون

چڪَ (٤) گپ- گهٽا- گهمسان (٩-٣١)

چِلر- چاڙ (٤) گپ- مڪڙي وسر جو گاهه (٩-٣١)

(١-٣٥)

چُنچِل (٣) راڻي- ڪرزال- راڻ جي زال

چُٽڻ (٤) جُڳڻ- داڻو جونڊڻ

چوڏهن چارو (٤) چوڏهن چارن وارو- گهڻن واڻن وارو

چيتا (٤) جيت- خبرداري- سنڀال

**د**

دِمڻهن (٤) ڊِڄن ٿا- ڏڄن ٿا- ڏيون ٿا

**ڏ**

ڏاڪو (٤) هيبت- مڪل- ڏيا

**ڏ**

ڏاڪ (٤) ڏمڪار- ڏڪڻي دب

ڏيهن سنُون (٢) جڳي طرح-

موچارو نصيب

## ٻ

ٻَ ٻِي (۱) ٻڪين ڦاسائڻ جو اوزار

ٻ ٻر (۲) ديرو - ڏيرو - رهڻجي جاءِ

## ڀ

ڀاڪي - ڀاڪِي (۱) ڊوري ٻانهر جو نالو - واهہ - نار - هرلو ڊاڪو

ٻَٽ - ڀ ٻي (۲) ٻڪين ڦاسائڻ جو دام - ڪوڙڪي - ڪاري ٻڪين ڦاسائڻ جي

ڀُڙَ (۲) ڊڪڙ - لڪائڻ - ڊٻي يا ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائڻ

ڀورُ (۱) ڊررو ٻاڙي جو - ڊوري ٻانهر جو نالو

ڀُاوُن ڏيو (۱) نري ۾ نورو ٻاڙي رهيو

## ر

راماڻا (۳) دانهون

راءِ (۲) ڪچ جو راءِ يا حاڪم

رِضا (۲) موڪل - رخصت

ريٻارڻ (۲) ريٻاري زال

ريٻاري (۲) مڪڙي ذات جو ماڻهو

ريٻاڻو (۲) مڪان جو نالو -

رجائي - ربچ ڏئي - ربچ وارو گاهہ

ريل (۱) پاڻي وهندڙ خاص برسات جو (۵-۳-۱)

## س

سانُو (۲) ساوڪ - گاهہ - چارو

سانپوٻون (۱) رَچ ٻلي مارڻ جا

سانجاڻ (۲) رڌو هڪو

ما لگي (١) ڪليون - ڪليچم گُلقڙ

ما لگهه (٢) مڪان جو نالو

ما ليهه (٣) وطن

مِٽ (٣) رت - نهراءُ - ارادو دستور

مُرُ (٣) ماڻهن جي جاءِ - ڍورو ڪانهن يا ڳاهه جي جاءِ- ڍنڍ (١.٢٨) (٢-٣٦)

مُرڙ (٢) پناهه - دامن - وس ڏمي

مُنيوڙا (١) سنبريل - تيار ٿيل سنڀاريل - يا ڌيل

مُنڪو (٣) سونڪو - ڌپ - اڌڪو (١-٣٥) (١-٣٨) (١١-٣١)

مُنگهار (٣) ڌنار - مال وارا - ڀرارڪي جا ماڻهو

مونڪو (٢) ڌپ - اڌڪو

(١-٣٥) (١-٣٨) (١١-٣١)

مُونگي (١) سونڪ يا محصول وٺڻ وارا (١-٣٨)

سيڙهي (٣) ماڻي

سِينگڙي (٣) سِينگ - ڪمان

## ط

طَوُر (١) دستور - اقبال

## ڪ

ڪاچو (١) مڪان جو نالو - اُهو ملڪ جو جبل جي وٽ سان آهي (٣)

ڪاڪيان (٢) ڪاڪ مان ڪاڪ مڪان مان

ڪانو (١) مڪڙي ٻڪيءَ جو نالو جو جڏهن بولي ڪندو آهي تڏهن ماڻهي ڇڇندو آهي - ماڻهي جو ڇيڻندو - ماڻهي جو انڙل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو (۲) ڪچ ملاڪ

ڪرچل (۲) وَلَر - وُگهر - آواز

ڏيجر

ڪليون (۱) ... جا ڪليجا

يا گانئر

ڪنيُون (۲) ميڻيون جڏهن

سڳ ڪُنيڙي وانگي گول

هجن

ڪٺ (۳) ڪٺا - داڻا = اَن

ڪوڏارا (۲) ڪوڏاريون

ڪورا (۱) انگ - ياسخاطري

ڪري

ڪُونج - ڪونجڙي - ڪونجي

(۲) ...ٻورڙيکي هو سياري جي

موسم ۾ سنڌ ۾ ايندو آهي

ڪوهيار (۲) جبل جو ملاڪ -

...ڙو جابلو مڪان

## ڪ

ڳڙڻ (۰) آواز ڪرڻ (بانداطي

جي ڦرڻ جو)

گيا (۱) ويا (هندستاني)

## گهه

گهاڙو (۲) مهاڻا مڇي مارينڊڙ

ما ميگير (۸۰-۱)

گهنگهر (گهارڻ) (۲) پريشاني -

موا جهارو - غم - ارمان -

ڏکي (۱۳-۱) (۱-۳۱) (۱۳-۵)

(۱۱-۳۱)

گهيڙيا (۲) گهيٽا ...

گهيڙ (۲) ... تڪڙو حملو

ڪام

گهيڙي گهٽ (۰) گهٽ ۽

گهيڙڻي - گاجي يا ڦرٽي ۽

وڏيڻي - ڪليجي ۽ وڏيڻي

## ل

لاکو (۲) مڪڙي ذات - ماڻهو

جو نالو جو قوم جو سردار هو

لام (۱) شاخ - ٽاري (۳۲-۱)

www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

لُلو (٢) ٻکي جو نالو

ڻکي (٢) گھوڙي - اکي جي گھوڙيءَ جو نالو

لوڙاٺو (٢) جوڙ - ڏاڙيوال

لوڙيون (٢) جوڙيون - ڏريون

ڻولاڻيون (٣) خوشامديون - منٿون - زاريون

لوٺي (٢) مڪان جو نالو

لوءِ لهوءَ (٢) ذمر بذمر، گھوٽ ۾ گھوٽ

م

ماريجڙو (٣) ماري - شڪاري شڪار ماريندڙ

مانجھانڊو (٣) ۾ ٻارن جي وقت ٿورو آرام يا ڪاڏو - ساعت جو آرام - لحظي جو سکر

مانگرياڻي (١) ڪنڌي ٻجي

ڦاساڻ جي

مالڳري (٣) مولوت

مالڪي (٢) ڪلنگي - دستار مولي

مُعالڻ (٢) وساري

مُهر (١) ڪنڌي جي وڻ جو ڦريا پور - سگو

مُهِ - مُهڙو (١) وڏي ٻجي

مُنڊ (٢) ڏکوئيندڙ - تڪليف سهڻ

مُندي (٢) ماندائي ڏڪ ولوڙڻ جي

مورا (١) مُور

موري (١) ٻن ڪنڌي - ڦٽي

مُوري (١) مُور - اصل - وري ڪڏهن نه

مُهراڻي (٢) نالو مڪان ۽ ذات جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهمير (١) ڏک ـ لوهہ جي ڪلي جا جتيءَ ۾ وجهي گهوڙن کي هڪلڻ لاءِ هڻندا آهن

ميڙالو (١) ميڙو ـ گوڙ

و

واڌا (٣) وڌيڪ ـ زيادہ ـ وڌيون

واريون وارڻ (٣) وارڻيون وارڻ ـ ڏيهن مقرر ڪري چڏڻ ـ وارا ٻڌي چڏڻ (ڪير نہ وڪڻڻ ۽ کپائي چڏڻ جا)

والڊا (٢) دانهون ـ واڪا

والپ (٢) ميڪلي جاءِ ـ جهنگ جو وڻاڻ ـ ٻاڻي جو ڊورو

وٽ (٢) ڪنار ـ ڪنڌي ـ پاسو

وٽ (٣) آڙڻ ـ پوسل ـ ربع

وڇ (٣) فراق ـ جدائي ـ ڦوڙائو

وکُر (٣) ٻکين جو ميڙو ـ وکر ـ وکهي

وِهرون ڪرڻ (١) زور ڪرڻ کئي متا هڻڻ ـ زور سان وهڻ ـ آرام ڪرڻ

وهي (٣) لنگهي

ويڇون (٣) فراقي ـ وڇڙيل ـ جدا ـ غمگين ـ ملول

هہ

هاٺو (٢) جور ـ ڦورو ـ مال هڻڻ وارو

هريون (٣) گاهہ واري زمين

هڙون (٢) موڙيون ـ وٽون ـ وسلا

هورا (١) هور ـ فڪر

هير (٣) عادت ـ جنهن گالهہ

ٿي هري وڃجي - اڳيون دستور

---

## ٢٦- سر ڪاپائٽي

### ا

آڻ (١) ريهي ڪتڻ جي جاء

آري (٢) نياز- منت - زاري

آيت (١) اڻ ڀُت - بي دستور اجائي

اَڇڻ (١) اُٺيل شيءِ - ڪپڙو

اُڊو- اَڊو (١) ڏُٻ - اُڏڪو

اڪڙڻ (١) ڏرو ٿيڻ - جدا ٿيڻ

اڪلي - اَڪلڙي (١) عيبدار- ميري - مدي

اَڪهاڙ (١) اوگهڙ ڪپڙي جو هڻڻ

الائڻ- اولائڻ (١) خالي ڪرڻ لامي جڏڻ

اوچڻ (١) ڪپڙو- ڍڪ - پڇامر (١-٣١-٣)

### ب

بارو بار (٢) بار بار - ڏري ڏري

### ٻ

ٻهار (٢) ٻاهر

### ڀ

ڀڄهرو (٢) ڀنڀٽي

ڀَرَتُ (١) سامان - موجودي - سڀ جو ڀرت

ڀڙا (١) ڪپاهه ۾ گهڏيون - عُقدا.

ڀڙا ڀڃڻ (١) ڪپاهه جون گهڏيون ڪيڏڻ (٣٠-٢)

ڀرڻ (٢) گڏڻ . ملائڻ

ڀڙي (٢) ڪپاهه ۾ سنهڙي گهڏ

ڀِڪو (١) ٻَڪِل جرخو - ٻرالو

ڀِنوار (٢) گهمدڙ - ڦرندڙ

ڀوري مڙهن (١) ذري تائين - لاحظي تائين

ڀَيِ (١) ڀؤ مان - ڊپ مان - ڊجي

ڀيعج (٢) گنيد جا ڏاگي ۾ اجي وجي

ڀيڏي (٢) هٿ يا ڪارائي جو نڪتل هڏو

ڀيرم واري (١) چرخي ڦيرڻ واري - ڪتڻ واري

### ٽ

ٽانڊ (١) ٽاچي

ٽُنبا نڊ (١) ڪپهہ کي هٿن سان ذرو ذرو ڪري ڏار ڪرڻ صفا ڪرڻ ٻهائڻ لاءِ

ٽُميان (١) تن مدجهان

### ٿ

ٿَسعي (١) تن تندن واري - ڪپڙو جنهنمر لي سؤ تندون تاڃي ۾ هجن

### پ

پازي (٢) پاجي - پاجي - پاڻهو غلام (٣٣-١)

پَتشاه (٢ : پادشاه - پاچا

پُڙد (٢) پناڪي بولي - پام پارڻ جا ڪکر وغيره

پَهيون (١) ڪپهہ جو پوليون پيا

پُوٽيون (١) ڪپهہ جا وڙهيل پيا، جي ڪتڻ لاءِ جوڙي رکيا آهي

### ق

قُديٺارو (٢) ڪپهہ جي قتيڻ وارو- قتين مان ڪڍيل

ڦنگهه (٢) ڏڪتا

ڦورو (١) سُت جو گولو يا ويڙهو

ڦوروڦولهڻ (١) عيب گولڻ - حساب وٺڻ

## جھ

جھورڻ (١) خراب ڪرڻ

## چ

چانئٽ - چانٽ - چاوت (١) وير - ڪينو - بدخواهي دشمني - بدنيتي - جهيڙو (١-٣١-١)

چوٽي (٢) جر جو ڪرجنهن مان چرخي جي ٽڪ ٿي لڳي

چڻن پنجن جو (٢) چڻن يا رن ۽ پنجن تنن جو

## د

داوُ (٢) گھر - جهان

ڏرُ (٢) اندر - منجهه

ڏلبارڻ (٢) هيو پيرو ڪپهه صفا ڪرڻ - دوبارو تنبڻ يا صاف ڪرڻ

ڏنائو (٢) ڏهاڙو - وڏو ڏينهن

## ڏ

ڏانو (٢) ڪبو - ڏنگو - اُبتو

ڏڏي (١) ڏڏ زال - نادان - چٽ - اڻ سمجهه

ڏهرسٽي (١) ڏهن تندن واري ڪيڙو جنهن ۾ ڏهه سؤ تندون تاڃي ۾ هجن

ڏَنُ (٢) ڏانڻ - ڍول - دستور

ڏنُ ڏانڻ (٢) ڪم شروع ڪرڻ

ڏيسار (٢) ڏيساور - ولايت - پري - پرانهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏ

ڏُرڪڻ (١) ڏرو ٿيڻ

ڏيڪيون (١) چرخي جي ٽري جو ڏنڊو - ڪالوڙو جهونتي ڪتڻ جو چرخو ٻيهندو آدي

ر

راهڻ (٢) رمجڻ - پُٽ تي پوڻ

رابع (١) خريف ڪان پوءِ جي موسم جڏهن ڪپاهم ٿيندي آهي

رلو راس ٿيڻ (١) ڪپڙو رڱجي ڪڻ جهڙو ٿئي - ڪم ٿيڻ مطلب حاصل ٿيڻ

رڻ (١) آلهو - ماڏر - بيمثل - بهشتي

رلدا روڙڻ يا رهڙڻ (١) جلد ٻڌي مان اٽڪون يا ڳنڍيون کپهم مان ڪيڏي جدڻ -

نڪڙ مان ڪتڻ - ساده ڪتڻ

رُوُ (٢) ميل - لڙو - خيال

س

ساجُ (٢) ساز - ڪاج (٢٨-١)

ماريڪا (٢) جهڙا - برابر - مٽ

ساهڻ (مذ) (١) ڄَرس پڄڻ - ڪرموڙڻ - آرام وٺڻ

سَليم (٢) صحيح سالم - نرم مهربان

سَمَندا (٢) سُمُورا - سارا - سڀئا

سُرُاون (١) سويري

سُود (١) فائدو - نفعو

ص

صَحاب (٢) اصحاب - رسول صلعم جا يار

## ق

قِيل مُقال (١) ڌال قيل - گفتگو
ڳالهه ٻولهه

## ڪ

ڪاتارِ (١) ڪتڻ واري

ڪاپالي - ڪاپائتي (١) ڪپهه
ڪتڻ واري

ڪاٻو (١) ٻورهيو - ڪتڻ جو
ڪم - ڪاپائڻي جو ڪم

ڪُتُ (١) ڪاتو - ڪاٻو -
ڪتڻ جو ڪم

ڪِتو (١) ڪتيل

ڪتي (١) ڪتڻ سان - ڪرڻ
سان

## ک

گاگن (٢) ڌاڙو واڙي جو- کنڌي
لاهڻ وارو

گوري (٢) گوريا ميرو ولايت جا

پناڻ - گوريا ڦيرجا - يعني
مڪرو نڪير

## گ

ڳُجھه (٢) چرخي جي وچان جا
ڪاٺي يا ڪنڍي لڳڻي ٿي

## ل

لاڪيڙا - لاکيٽا (١) لڪن جهڙا
ماٺيو - چڱا خوبصورت ماٺيو

لُوچڻ (١) مٽيءَ ۾ ٻرڻ - ميرو
ٿيڻ - خراب ٿيڻ

لُوڙڻ ڏيڻ (١) ڳرڻ - ڏاڙا ڏاڙا
ٿيڻ

ليئڻ (٢) ارٽ يا چرخي جو
پاڻو - گول ڦالي

لِمنجهه (٢) سنهڙي تند

## م

مالهه (١) ڌاڳو جو ارٽ جي
چرخي جي جوڙاري لڳيل ڏو

آمي ۽ نار جي چرخي جي
ٻالهه وانگي آمي.
مڪڙي (۲) ارت يا چرخي
جو مٺيو
مُلمل (۱) سنهو باريڪ ڪپڙو
مُونا (۱) ارت جون ٻه اُڀيون
ڪاٺيون
مُوُ (۱) گهٽي - حجهي - گهٽائي
زيادتي

ن

نار (۱) زال - ناري (۲۱-۸)
ناڙي (۲) سٽ جي ڏيري يا
ٻاندي جا تڪ مان لهندي
آمي
نبارُ (۱) خالص - نج - پاڪ -
صاف
نياري (۱) نياز - نياز مندي

و

و ال اٽو - وَنا اٽو (۱) دادائي

شادي مبارڪ (۲۱-۱۱)
وَلو (۱) وِيَل - ضايع
وَنوڙو - وِنا اٽو (۱) ڪاروڙيو
ڏيريو
وِڳهه (۱) ڏُکر
وَهُه (۱) عادت - خيال

# ۲۷- سرپرياتي

## ا

اَڙڪ (۱) اٽڪ - عقدو - منسا
صلاح

## ت

تعمير (۱) تُعبو وڃائيندڙ -
مڱڻهار

## ٿ

ٿيڙيو (۱) مستي - حرڪت -

ناز نخرو - انگل - مٽ - وڏائي

## ٽ

ٽاٽا - ٽاٽنا (ا) سڳٽا - ٽلها - خالي (٣٠-٣)

## پ

پانهين (ا) پٽ

پاٽيمڪ (ا) موتي (٣٥-١)

پرياڻي (ا) نجر جي گاڏڻ جي راڳڻي - وهاڳ

پڃ (ا) پير

پهاڪ (ا) ميلاپ - وصال

پيٺيدون (ا) پيٺين مڄهان - صندوقن مان

## ق

قور (ا) بوءِ - خوشبوءِ

## ڄ

ڄُکي (ا) ٻُکَر

## چ

چوناٺو (ا) داتا - سخي - جوٽي وارو - اعليٰ درجي جو

چوناٺي چوٽ (ا) پرهر - جوٽي تائين پرهل

## ح

حِرفت (ا) ڏاهپ - هشياري حڪمت (٣٥-١)

## ڏ

ڏاهر (ا) پانهي

ڏيڪا - ڏيڪا (ا) ٻڪي جي وڄهه جو تنب يا ڪاٺ وجهندا آهن

## ر

راڄي - راڄيو (ا) راڄا - راڄ وارو - داتا

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

رائڙ (١) سمنڊ

رُڇي (١) راضي ٿي - خوشيءَ مان

رُخت (١) سامان - وٿون

رُواڄهو (١) مڪڙي ذات يا قوم

رُبهاٽو (١) ريڊو - راضي ٿيو

رڦزال (١) بدڪار ماڻهو - بد چال ڪيميا (٣٠-٣)

رِبهڙ (١) ٻگهارڻ

# س

سانگ (١) وام - ڊورو - ناڻو وام جو

سُمڙ (١) مڪڙو ماڻهو جو حاتم طائي وانگي مشهور سخي هو

سُڳِڙ (١) لڳڻ - لائڻ - واسطو رکڻ - ملائڻ - نسبت رکڻ (٣٠-٢) (٣٣-٢) (٣٠-٢)

مُگُڙ (١) سڱ - ڪُتو

مُنگيو (١) سڪيو - راضي ٿيو نوازيو - بي پروا

مهُٽ (١) وندر - ورونهن

سيڪڙو (١) سڪڙو - سوالي - احتياج وارو

# ص

صُراهين (١) تيلهون - ميالهيون (عربي صره)

# ڪ

ڪُٽُ (١) ڪي - ذري

ڪِيري (١) ڪلي - ميخ

# ک

کُبُ (١) رز - زاري ڪڙ

کُڙهه (١) دروازو - لنگهه جي جاء

## ل

لَٽَ (١) ٿَني ۾

لُٽَ (١) گِهٽو

لَڱُو (١) لنگڙو - مُنڊو

لنگهي (١) لنگڙي جي زال - مُنڊهارِ

## م

مُٺَ (١) وڏيون منيون - گهڻا ڏُک (٢٨-١)

مُنڊُ (١) فرصت جو وقت - وڇڙ چارو

مَدَڪُرَ (٢) مردُ - مڙسُ

مُسُ (١) تورو - ذات

مڱو - منگو (١) گهرو (منگڻ = گهرڻ)

مُلهُ (١) مُلان - مُڪان

## ن

نُطفو (١) مني ۾ جو قطرو - ماڻهو

جو ٻج

## و

وهاڳُ (١) صبح جي راڳڻي ڀرياتي

## ٢٨ - سر گهاتو

## ا

اُنگيو (١) ٺنگيل - قاتل - اُلليو اڙويا رخ ڪيو

اُڏارڻ (١) اُڏار ولڻ

اَڪُٽُ (١) بيشماري - گهڻائي ڳڻڻ کان ٻاهر

اڳهور (١) اونهي ٻاڻي ۾ - ڪُن ۾ - کوهه ۾

اومڙڻ (١) انتظار ڪرڻ - اوسيڙو ڪرڻ

## ٽ

ٽُڙيون (١) ٽڙا - ٽڙي ڏون زمينون

## ٿ

ٿاڻ (١) ٿاڻو - وقت

## جهه

جُهڳا (١) ڀُڳا - ٽڙا

## ڄ

ڄاڙُون (١) سمنڊ يا درياهه جون شاخون - ڏوريون

ڄُڪيُون (١) مڇي مارڻ جون شيخون يا سوئا

ڄڃُ (١) ننڍا ٻاٽليء جا ٻاڳا - ڏيڏون (٣١-٨)

## س

ساڻي (١) مڇي ڦاسائيندڙ - مهاڻا

مُڳاڻي (١) مائٽي - عزيزي - قرابت - دوستي

مُنيُويون (١) چار سان ٻڌڻ جون لٺيون - رڇ مڇي ڦاسائڻ

## ڪ

ڪُلچ - ڪلچي (١) سمنڊ جي ڪُن جو نالو

ڪَندا ڪَڙون (١) ڪنارا ۽ پاسا - ڪپر ۽ ڪنڌيون

## گهه

گهنگهريا (١) ڏڪن جا ورايل

گهڻ چاڻ (١) گهڻو جاڻندڙ - عاقل - ڏاهو

گهور ٻيا (١) ٻاڻ شڪار ٿيا - صدقي ٿيا

گهورٻندي (١) مڇي مارٻندي (گهورڻ = مڇي مارڻ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

م

مالگر - مالگري (ا) مانگرمچ ڪنديي

مالگرياڻي (ا) مهاڻن جي مکڙي ذات

مَعو (ا) زور وارو

مُڪڙا (ا) ميڙيون

مُندار (ا) مُهندار - دلال

مُنگر - مالگر (ا) مانگرمچ سمند جي وڏي مڇي

مُهائين (ا) پهلوان

و

وار (ا) ونر - ويرم - دير - وقت

وَهڻ (ا) واهڙ - درياه

ه

هار (ا) هاري - آهار - آهر - آڏر - ونهيٺي

## ٢٩- سر سيئهن ڪيڏارو

ا

آبُ (ا) پاڻ

اُبڪڻ (ا) ڊپ ڪرڻ - ڊپ ۾ ڪڙو ٿيڻ

اُبڪو (ا) ڊپ

آرا (ا) ڪلاَ

آڙون (ا) آنڪون - روڪون

اُمرڻ (ا) مٿان وڃڻ - چڙهڻ ڪڙو ٿيڻ

ب

بابُ (ا) پيءُ (باب همدسعاني)

بيٽو (ا) پُٽ (همدسعاني بيٽا)

پ

پُوڻڻ (ا) پُٺڻ - گهمڻ

ﭖ

ﭘﺮ (ا) پُراوا - پيا

پروار (ا) دستور - رسم - عادت

پر - ڪُتب

ج

جاڳر ڪرڻ (ا) ميڙو ڪرڻ
گڏ ٿيڻ

جُنبوُ (ا) گدڙ

ڇ

ڇهاوي (ا) اڪائي ڇپائي

د

دَماما (ا) دهل (پارسي دمامه)

دمالڻ (ا) دَمُ ڏيڻ - ساهه کڻڻ
جي فرصت ڏيڻ

ڏ

ڏاڙِب (ا) ڏاڙهه - بکر - خوائش.

سُڌ

ر

روجهه (ا) ڏڪڙو جانور -
روجهه جونئر

س

سيارڙا (ا) جهنگ جا گهڻدڙ
جانور - مرون - سيار - سيال
شغال - گدڙ

سيهوڙو (ا) ڏڪڙو شڪاري
پکي - ٽرمچي جي مادي

سيهن (ا) شينهن - شير

ش

شڪرو (ا) ڏڪڙو شڪاري
پکي

ق

قرار (ا) ڪراڙو - زور وارو
غالب - زبردست

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيصر (ا) شينهن - جانورن جو بادشاهه

## ک

ڪاڙهو (ا) آزار - سوزش - درد

ڪرّار (ا) ڪراڙو - زور وارو ڪام ڪندڙ (پارسي ڪرار)

ڪُرهو (ا) ڦڙو (پارسي ڪُرّه)

ڪُرڇ - ڪُريز (ا) پکي جي اها حالت جنهن ۾ ڪنب ڇاڻي نوان ڪيڏندا آهن

ڪُڙهو (ا) پهلوان - بهادر

ڪِلاب (ا) ڪُتا (عربي - جمع ڪَلْب جو) اشارو حديث جو ته الدّنيا جيفتہ وطالبها ڪِلابٌ يعني دنيا ڏوڻ آهي ۽ انهيءَ جا طالب ڪتا آهن (جا ڏسو)

ڪِلو (ا) جنگ - ويڙهه

ڪِهڙ (ا) قيصر - شينهن

ڪُهرو (ا) غريب - ماڻيٺو - ضعيف

ڪيسر (ا) قيصر - شينهن - جانورن جو بادشاهه - ڪيسر جي رنگ جهڙو پيلو

## گ

گيوُرُ (ا) هيبت

## ڳ

ڳيجهو (ا) ڳجهه - ڏوڻ کائيندڙ پکي

## ل

لانجهو (ا) ضعيف - هيٺو - بي همت

لنگهڻ (ا) فاقو - بک

## م

ماهه (ا) گوشت - ماس

مَتا (ا) تلها ٿيا - متارا ٿيا

مَدار (١) پروسو - تعلق

مَلاءِ (١) مکڻهان

مَلاء (١) ملهائي - ناموس ڪڍي

## ن

ناب - ناپ (جمع نابو) (١) چهڊب - نوڪ - شيلخ - ڀالو نيزو

نا جو (١) ضعيف

نَرِي (١) پير جي نري - ٹنگ

نهِين (١) نر - ڪين (هندستاني)

## و

واڪو ( ) رڙ - دانهن

واڳ (١) رسو - نوڙ

واڳ - واڳهه (١) چيتو - شينهن جو قسم.

ولاڙو (١) ڪاوڙيو - همت

## ٣٠- سر آسا

## ا

آچاڙو (٣) چَمِر جي گوٿري

آرانْ (٣) آرڪان - ڀاڻيءَ جي تڪر ڪان

آرو (٢) بيمار - لِهُ

آزَرَ (٣) ڪافر - آتش پرست حضرت ابراهيم جو پيءُ يا چاچو جو ڪافر هو (٣٠-٣)

آڪُڙِڻ (٣) پرڪڻ - ڪرڻ

آنهريان اُجرو (٣) آرسيءَ کان به زياده صاف

اِبْتِدا (١) شروع - مهڙ (ضد انتها)

اُبهين (٣) بچين

اِبْليس (٣) شيطان

اُپيندي (١) بيهندي

اِثْبات (٣) ثابت جاڻڻ -

زبان سان اقرار ڪرڻ (نفي جو ضد)

ا...ه (١) ڏس - نهار - سمجھ

إحاطو (٢) حد - چوگردي پٽ آسرو پناھ

آڏورو (٢) اڏ ڏؤتي - اڏ ڪرتي

أرٿ (٢) ڳالھ - مطلب - مضمون

أرداس (١) عرض - سوال

أرڪ (٢) بيزار - بيوفا

إسلام (٢) مسلماني - خدا کي تسليم ڪرڻ (ضد ڪفر)

اَسين ۽ آءٌ (٢) اهنڪار - مني - خودي - انانيت - خود بيني

أشهَدُ (١) شهادت جو ڪلمو - يعني أشهدُ أن لَا إلٰہَ إلّا اللّٰہُ وَ

أشهَدُ أنّ مُحَمّدً عبدہٗ و رسولہٗ يعني آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ خدا هڪڙو آهي ۽ مُحَمّدَ سندس ٻانهو ۽ رسول آهي

أَلتِيمُ (٢) ڳجهي رکيم - لڪايم (ضد سلتيم)

أَلّذِين آمَنُوا وَكَانُوا يَتّقُونَ (٢) قرآن مان (سورہ ١٠) يعني اُهي جن ايمان آندو آهي ۽ جي پرهيز ڪندڙ يا ڊڄندڙ آهن

أنَا عَبْدُ (١) حديث يا عربي قول يعني آءٌ ٻانهو آهيان

إنّ أولِيَائِي تَحْتَ قَبَائِي لَا يَعْرِفُهُمْ غَيرِي (٢) يعني تحقيق منهنجا اولياءَ يا دوست منهنجي قبا جي هيٺ لڪل آهن مون کان سواءِ ٻيو انهنکي ڪو نہ سڃاڻي ٿو

انتها (١) پڇاڙي - آخر - نهايت (ابتدا جو ضد)

آڱڪ (٣) ضوا - ٻت جا پاڳا

اوسا (٣) سڪا

اُون (٣) ياد گيري - اڻ تڻ

## ب

باب (٣) ڪتاب جا ڀاڱا - دَر - حڪم - رستا

بازي (٣) ٺڳي - دغا - منافقي

ٻَهري (١) مڪروشڪاري پکي جو مادي آهي - باز

بصيرت (٣) اندر جي روشني دل جي اک

بُن (٣) بنياد - اصل - پاڙ - نهايت

ٻيراني (٣) ويراني - لاحاصل بيمعنائي - خراب

بيحد (١) بيحد - بيشمار

بيما (٣) ڏسندڙ - روشن (پارسي)

## ٻ

ٻارونا (٣) ٻارڻا ڪپڙا - ٻارڻي وهي

ٻڙڪ (٣) ڏرو - دانهن - اڪا

ٻُونڻ (٣) ٻڌ ڪرڻ - ٻورڻ

ٻوجهه (١) عقل - سمجهه - خبر واقفيت

ٻٽي (٣) ٻٽي اڪيون

## پ

پت (٢) تڪيو - ٽيڪ - پرسو

پَرپور (٢) گهٽو - پرپل - پر

پري (٣) پوجو - مٽي تي ڪٽڻ جو ٻار

پڀيما (٣) اکين جا ڪوپا - اکين جيرن جا پون يا خانا

پُيُيُون (٣) اڪيون - جَهيون- وجاريون

پئيون (٢) گوڙهن سان ڀريل اکيون

پير (٣) ڦيراءُ - موٽاءُ

## ت

تُب (٢) تڏهن (هندستاني)

تحصيل (٣ علم حاصل ڪرڻ

تعظيمان (١) تعظيم ڪان - تعظيم ڏيڻ ڪان - ڪنهن جي ادب ڪرڻ ڪان - تعظيم جي ڪري (٣٠١ ١)

تغيري (٢) تغير- ڦرڻ - مٽجڻ مٽڻ

تِلڪُ (٢) سينڌر جو ٽڪو جو هندو پيشاني تي ڏيندا آهن

تواضع (١) نياز- نماڻائي - نهچائي

## ٿ

ٿڪ هَٽڻ (٢) اجلائي جهڏڻ - ضايع ڪرڻ - برباد ڪرڻ

## پ

پاڪي (٣) پاڪائي - پاڪيزگي

پالهو (٢) خالي - پچيل

پاهُ (١) ڪپڙنکي رنگ ڏيڻ کان اڳ مصالح لائڻ

پاهُت (٢) صلح - ٺاهه - اتفاق محبت

پُت (٢) واعدو - انجام - ويساهه

پتر (٢) هند - وهڻ جي جاءِ

پراهڻ (٣) پهرائڻ - ڏڪائڻ

پُنُ (٢) پچاطي - نهايت

پَهرڻ (٢) پرچي راضي ٿيڻ

پي (٢) دوست - محبوب

www.sindhsalamat.com                    books.sindhsalamat.com

ھيرِ (٣) ھيرتي - رستي تي

ڦ

ڦالڪ (٢) ڪل تاري (٣٢-١)

ڦُوڪي ڏُوٺي (١) چنڊڻ ڦوڪڻ مان - ٺنڊ ٺوبي ڪرڻ مان - جگن ڪپڙن رکڻ مان

ج

جُب (٢) جڏهن (هندستاني)

جُرُڪجُر (٣) جگو ٻاٺي توڙي خراب ٻاٺي - جگو ٻاٺي آهي خدا جي محبت ۾ ۽ سندس دپ ۾ روئڻ ۽ خراب ٻاٺي آهي دنيا جي لاءِ ۽ اُنجي تعلق لاءِ روئڻ

جُل (٢) جهل گهوڙي جي - ڏڪ

جوڙوهي (٢) جهان ملي جلي جهان جي جوڙ ملي - حاج لٿي

جِبين (٢) جيئڻ - جهڙيطرح

جُٽيو (٢) ڏاڍو جو ملند و ڏڪيد دا آهن

جهہ

جهانگي (١) جهانگيڙا (٥) جهنگ جا رهاڪو

جُهل (٢) گهوڙي جي مٿان وجهڻ جو ڪپڙو - ڏُڪُ - ٻاهر

جُهڙ (٢) ڏُڏ - مهي - لسي

چ

چِڙي (١) جهرڪي - ننڍڙو ٻکي

جُهنبَ (١) جُنبَ - جهنب (هندوستاني جونءِ) (٥٣٠-١)

چ

چُاڪُر (٢) دنيہ - تا سگهي ٻاٺيءَ

جي ڏوري - سيٽا ۽ - سٽيءَ (ڇا ڳل = ٻڪري)

## ح

حضوري (٢) حضور جو - خود خدا جو

حقانو (٥) حق جي ڳالهه - حق کي پهچڻ - حق ملڻ

حقيقي (٣) سچو - حقيقت جو عشق حقيقي (مجازيءَ جو ضد)

حوصلو (٣) طاقت - قوت - زور - عقل - هوش - جرأت

## د

دردباني (٢) دردواري

دَرَڪَ (٣) سمجهه (درڪ ڪرڻ - سمجهڻ)

دلگير (٢) غمگين - ملول

دَنبورو (٢) وجائڻ جو ساز - سرندو - طنبورو

ڏوبيناني (٢) ٻه ڏسڻ - بيائي دوئي

## ڏ

ڏِکر (٢) ڏيکر - هندڪي شاديءَ جي رسم - سينگار

ڏنُ (٢) نذرانو - محصول - (٣٥-١)

ڏونرا (٢) ڪرڙ جو ڦر ڪنهو جنکي ٻڪي ڪان ٻوءِ ٻڪا جوندا آهن

ڏوٽ (٢) ڏمر - ڪاوڙ - ڏکر غصو (٣٤-١)

ڏوڪاهي (١١) ڏکر ٻر - ڏکيائي ٻر - سُڃا - ويران

ڏهيُون - ڏيون (٥) تندون - چنل ڏاڳا (٣١-١١)

## ر

رائي (٢) راءِ - مرضي - رستو

گذر - راھ

رلي راتِ (٣) توروزي رات - ذروزي رات

رُچندو ن (٢) رنگبيون ارچڻ = رنگڻ)

رُچڻ (٢) رگون رچڻ = رگون درست ؛ برابر ٿيڻ - بدن تندرست ٿيڻ

رُخدو (٢) تنگ - سوراخ - عيب جي جاء

رُمندڙي (١) ھلندي - لنگھندي

روشن (٢) ظاھر - پڌري

رئي (٢) ڏُزَ - لَٽَ

رېتو (٢) ڳاڙھو ڪپڙو

## س

ساچاري (٢) سچا ڻڻ واري - سچاڻندڙ - واقف

ساز (١) سامان - اسباب - حال

احوال - چڱي حالت

سالڪ (٢) سلوڪ وارو - طريقت تي ھلندڙ

ساليھڻ (٢) ڏسڻ - زيارت حاصل ڪرڻ - دلبر ساڻيڻ

سپڄڻ (٢) رھڻ - ماپڻ - سمائجڻ

سجود (١) سجدو - سرجھڪائڻ

سَرافڪندگي - سر افگندگي (٢) متو ھيٺ جھڪائڻ - ڪند نوائڻ - نياز - تواضع شرمندگي

سَرپر (٣) ڪن جي ڳالھ - سُس قس - ڳجھي ڳالھ

سروان (٢) سروجي وڻ ڪان -

سَلعيم (٢) ظاھر ڪيم - پڌري ڪيم - ڏسيم

سَماجو - سما جوڳ - (٢) ميلاپ اتفاقي ملاقات

مونڻ - مونڻ (٢) سوي ڪرڻ ڏسڻ - اختيار ڪرڻ - پسند ڪرڻ

موجهه (١) ٻول - چڪاس - جانچ

مُولهاريڙن (٣) سهڻيون - موچاريون

مُونيڙ يا لعي مُنهڙو ٣) سڀ ڪان ڀر سهو ننڍڙي سڀ ڪان ڀر سنهڙو

مُهاڳيون (٢) وڻن - پسند اچن

مُهائي (٣) روشنائي - سوجهرو

مياهي (٣) ڪارنهن يعني دل جي ڪارنهن

ميهرت (٢) عادت

ميل (٣) سچائي - سُپَت - همت - سڌيا

## ش

شرڪ (١) ڪفر. مشرڪ تيڻ خدا سان ٻئي ڪي شريڪ ڄاڻڻ - ٻائيوارو - شريڪ (٣٠-٤)

## ص

صحت (٣) تندرستي - ڄڱيلائي

## ظ

ظَنُّ (٣) شڪ - گمان

## ع

عالِمُ (١) (٣) علم وارا - ڀڙ ڀيل

عَبُدُ (١) بندو - ٻانهو

عَجِّلُوابِالتَّوبَةِ قَبلَ اَلمَوتِ (٣) حديث - مرڻ کان اڳي توبهه ڪرڻ جي تڪڙ ڪريو

علت (٣) بيماري - علامت

عِلّتي (٤) علت وارو - ناپال - بيمار - عادتي

عَاي لّصباح (٢) صُبح جو - وير فجر جو

عُيان (٤) ظاهر - پڌرو

عَينڪ (٤) چشمو اکين ۾ وجهڻ جو

## غ

غار ٿيڻ (٣) گم ٿيڻ - ڪڏ پوڻ

غِيبتي (٣) غيبت يا گلا ڪندڙ گلا خور

## ف

في الله (١) الله ۾ - يعني فنا في الله يا فاني في الله يعني الله ۾ فاني يا گم يا محو ٿيڻ

في الحقيقت (٣) درحقيقت حقيقت ڪري

## ق

قاعدو (١) قعود يا قعده - نماز ۾ ويهڻ

قضا ٿيڻ (٣) فوت ٿيڻ - ضايع ٿيڻ وري نه موٽڻ

قيام (١) نماز ۾ بيهڻ

## ڪ

ڪاج سڌو م (٣) ڪم ٿيوم - مطلب حاصل ٿيوم

ڪام (٣) لَٺ - لڪڻ

ڪانگان (٢) ڪانگن کي

ڪاني (٣) تيلي - سرائي

ڪاڻ (٣) حرڪت - حساب

